SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1980

SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1980

ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1980

THE KARACHI DEVELOPMENT AUTHORITY (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1957 جي پي. او 5 جي آرٽيڪل 113 جي ترميم

Amendment of Article 113 of P.O. 5 of 1957

3. 1957 جي پي. او 5 جي آرٽيڪل 114 جي ترميم

Amendment of Article 114 of P.O. 5 of 1957

4. 1957 جي پي. او 5 جي آرٽيڪل 115 جي ترميم

Amendment of Article 115 of P.O. 5 of 1957

5. 1957 جي پي. او 5 جي آرٽيڪل 116 جي ترميم

Amendment of Article 116 of P.O. 5 of 1957

سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 1980

SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1980

ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1980

THE KARACHI DEVELOPMENT AUTHORITY (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

[6 اپريل 1980]

هڪ آرڊيننس جنهن ذريعي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو ويو، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينئيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

1. (1) هن آرڊيننس کي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1980 سڏيو ويندو.	مختصر عنوان ۽ شروعات
(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.	Short Title and commencement
2. ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊر، 1957 ۾ جنهن کي هن کانپوءِ به ڄاڻايل آرڊر سڏيو ويندو، ان جي آرٽيڪل 113 ۾ لفظن "اختياري ۽ جوڙيل بادي وچ ۾ ٿيل اتفاق" لاءِ لفظن "جيستائين وقت بوقت آرٽيڪل 115 هيٺ اختياري طرفان ڪو معاهدو نه ڪيو ويو هجي" سان متبادل بڻايو ويندو.	1957 جي پي. او 5 جي آرٽيڪل 113 جي ترميم Amendment of Article 113 of P.O. 5 of 1957
3. ڄاڻايل آرڊر ۾ آرٽيڪل 114 ۾ لفظن "معاهدو جنهن جو حوالو ڏنو ويو آهي" کي ختم ڪيو ويندو.	1957 جي پي. او 5 جي آرٽيڪل 114 جي ترميم Amendment of Article 114 of P.O. 5 of 1957
4. ڄاڻايل آرڊر جي آرٽيڪل 115 ۾ هيٺين ريت تبديلي آندي ويندي: (فراهمي جي قيمت ادا ڪندڙ جوڙيل بادين ۽ صارف) "115. جوڙيل بادين ۽ بيا پاڻي واپرائيندڙ اهي ئي پاڻي پهچائڻ وارا نرخ قبول ڪندا جيڪي وقت به وقت اٿارٽي	1957 جي پي. او 5 جي آرٽيڪل 115 جي ترميم Amendment of Article 115 of

مقرر ڪندي."

P.O. 5 of 1957

5. ڄاڻايل آرڊر جي آرٽيڪل 116 لاءِ هينئين ريت متبادل آندو ويندو:

1957 جي پي. او 5 جي آرٽيڪل 116 جي ترميم

(رهتن جي اوڳاڙي)

Amendment of Article 116 of P.O. 5 of 1957

"116. جيڪڏهن ڪو صارف اثارتي طرفان پاڻي جي فراهمي جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ مليل ڏمانڊ نوٽيس تي هڪ مهيني دوران اهڙي رقم ادا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ، اختياري پاڻي جي فراهمي گهٽائي يا ختم ڪري سگهي ٿي ۽ هن آرڊر جي گنجائش موجب ڄاڻايل رقم جي اوڳاڙي جاري رکي سگهي ٿي."

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.